هفتيوار رسالو

# چوري ڌاڙو

(سنڌي)



ترجمو:

TRANSLATION DEPARTMENT (DAWAT-E-ISLAMI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: چوري ڏاڙو

ڇاپو پهريون: جمادي الاخريٰ 1446 ھ ڊسمبر 2024 ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي تي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِاهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَکَاتُـهُـمُ الْعَالِيَـه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي مايہ ناز تصنيف " نيکي جي دعوت " مان ورتل مواد بنام

# چوري ءِ ڌاڙو

## پيشڪش

### اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ (دعوت اسلامي)

## ترجمو

### ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا غلطي يا ڪوتاهي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

## رابطي لاءِ :

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
Email: 🖃 translation@dawateislami.net

# فهرست

چوري ڌاڙو ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
ستين آسمان جو فرشتو ........ 1
چورن ۽ ڌاڙيلن جا ظلم ........ 3
ڌاڙيلن جو انجام ........ 6
چوري ڇا کي چئبو آهي ........ 7
اسلامي سزائن جي حڪمت ........ 7
ظلماً ماڻهن جو مال ڦٻائڻ متعلق 7 فرامين مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ........ 8
سچي قافلي کي اڪيلو لُٽڻ وارو ڌاڙيل ........ 13
پاڻ ۾ پائر ٻٽجي ويو! ........ 14
بدنصيب ماڻهو ........ 15
ڌاڙيل ولي ٻڻجي ويو ........ 16
جهنم جو ٽهڪندڙ پاڻي ........ 18
چور ۽ ڌاڙيل کان وڏو ظالم ........ 18
ناحق قتل جو گناهه ........ 18
ناحق قتل جو عذاب ........ 20
محشر ۾ ذلت و رُسوائي ........ 20
شهادت جو درجو ........ 21
خوبصورت سوچ ........ 21
چور کي دعا ........ 23
ظلم تي صبر ڪرڻ جي فضيلت ........ 23
ڌاڙيل جي توبهه ........ 24
حلال ڪمايو ........ 25
وڏين وڏين مُڇُن وارو بدمعاش ........ 26
چورن ۽ ڌاڙيلن کان حفاظت جا 6 وظيفا ........ 28
شجرهِ عطاريه جي مدني بهار ........ 29

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# چوري ڏاڙو

## درود شريف جي فضيلت

”سعادة الدارين“ ۾ آهي تہ جَاءَ رَجُلٌ اِلَى النَّبِيِّ هڪ شخص دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿيو فَشَكَا اِلَيۡهِ الۡفَقۡرَ وَضِيۡقَ الۡعَيۡشِ وَالۡمَعَاشِ ۽ بک، بدحالي ۽ معاشي تنگدستي جي شڪايت ڪئي تہ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اِذَا دَخَلۡتَ مَنۡزِلَکَ فَسَلِّمۡ اِنۡ کَانَ فِيۡهِ اَحَدٌ اَوۡ لَمۡ يَکُنۡ فِيۡهِ اَحَدٌ، يعني جڏهن توهان پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيو تہ السَّلام عليڪم چوندا ڪيو توڙي جو گهر ۾ ڪير هجي يا نہ هجي، پوءِ منهنجي مٿان درود پاڪ پڙهندا ڪيو ۽ هڪ دفعو ”قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ“ پڙهندا ڪيو، ان شخص ايئن ئي ڪيو تہ الله پاڪ ان جو رزق وسيع ڪيو ايستائين جو ان جي پاڙي وارن ۽ رشتيدارن کي بہ ان رزق مان حصو مليو. (سعادة الدارين، ص: 84)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ستين آسمان جو فرشتو

صحابيءِ رسول، حضرت زيد بن حارثہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جن هڪ ڀيرو طائف وڃڻ لاءِ هڪ خچر ڪرائي تي ورتو، خچر جو مالڪ هڪ ڏاڙيل هيو، اهو کين ساڻ ڪري هلڻ لڳو ۽ هڪ ويران ۽ سنسان جڳهہ تي پهچي انهن کي خچر تان لاهي ڇڏيو ۽ خنجر هٿ ۾ ڪٽي انهن جي طرف حملي جي ارادي سان وڌيو اُتي چؤطرف مئلن جا ڍانچا وکريل

هئا. پاڻ ان کي فرمايائون: اي شخص جيڪڏهن تون مون کي قتل ڪرڻ چاهين ٿو ته مون کي ايتري مهلت ڏي جو مان ٻه رڪعتون نماز پڙهي وٺان، ان بد نصيب وراڻيو نيڪ آهي تون نماز پڙهي وٺ، توکان پهريان ٻه گهڻن ئي نمازون پڙهيون پر انهن جي نمازن کنهن جي ٻه جان نه بچائي.

حضرت زيد بن حارثه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: جڏهن مان نماز کان فارغ ٿيس ته اهو قتل ڪرڻ وارو منهنجي ويجهو آيو، مون"يَااَرْحَمَ الرَّاحِمِیْنَ" چيو. غيب کان اواز آيو. اي شخص! تون هن کي قتل نه ڪر. ڏاڙيل اهو آواز ٻڌي ڊڄي ويو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. جڏهن ڪير ٻه نظر نه آيو ته هو مون کي قتل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو، مون ٻيهر بلند آواز سان "يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِیْنَ" پڪاريو، ٻيهر غيبي آواز آيو، ٽيون دفعو جڏهن مان "يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِیْنَ" پڪاريو ته مون ڏٺو هڪ شخص گهوڙي تي سوار آهي، ان جي هٿ ۾ نيزو آهي ۽ نيزي جي چهنب تي باهه جو شعلو آهي، ان شخص اچڻ سان ئي ان ڏاڙيل جي سيني ۾ ايترو زور سان نيزو هنيو جو نيزو ان جي سيني کي چيريندو ٻاهر نڪري ويو ۽ ڏاڙيل زمين تي ڪِري مري ويو. پوءِ اهو سوار مون کي چوڻ لڳو جڏهن تو پهريون دفعو "يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِیْنَ" پڪاريو ته مان ستين آسمان تي هيس، جڏهن تو ٻيو دفعو "يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِیْنَ" چيو ته مان آسمانِ دنيا تي هيس ۽ جڏهن تو ٽيون دفعو "يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِیْنَ" پڪاريو ته مان تنهنجي مدد لاءِ اچي ويس. (الاستيعاب فی معرفة الاصحاب، 117/2۔ کراماتِ صحابہ،ص322 ) الله رب العزت جي

انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

کیوں کر نہ میرے کام بنیں غیب سے حَسَن　　بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## چورن ۽ ڌاڙيلن جا ظلم

پيار ا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي مبارڪ نالي جي برڪت سان وڏيون وڏيون مصيبتون دور ٿي وينديون آهن. ظاهري اسباب اختيار ڪرڻ سان گڏوگڏ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پنهنجي پريشاني دور ٿيڻ جي بہ التجا ڪرڻ گهرجي. ڪيئي ڀيرا اهڙي غيبي مدد ٿي ويندي آهي جو ٻانهو حيران ٿي ويندو آهي. مٿي ذڪر ڪيل واقعي ۾ ظالم ڌاڙيل جي موت جو عبرتناڪ بيان آهي. افسوس! ڪيترين ئي پريشانين ۽ ڏکن کان علاوه چورن، ڌاڙيلن هٿيارن جي زور تي ڦُرون ۽ ڌاڙا هڻي، جسماني تڪليفن سان گڏوگڏ مهانگائيءَ جي ماريل عوام کي خوف ۽ حراس ۾ مبتلا ڪري رکيو آهي. روز روز چوري ۽ ڌاڙي جون خبرون ٻڌڻ لاءِ ملن ٿيون بلڪ سوشل ميڊيا تي هاڻي اهڙي قسم جون وڊيو هلڻ جو معمول بڻجي ويو آهي. ڪٿي ڪنهن غريب جي گهر ۾ گهڙي ڪري رت ۽ پگهر سان ڪمايل نياڻين جو رکيل ڏاج ڪٽي هليا ويندا آهن، ڪٿي محنت مزدوري ڪرڻ وارو پگهار ڪٽي خوشي سان گهر وڃي رهيو هوندو

آهي تہ رقم ڦري هي ظالم اُن غريب جي خوشي غم بہ بدلي ڇڏيندا آهن. ياد رکو! چوري، ڌاڙو حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. الله پاڪ سورت بقره، آيت نمبر 188 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

﴿وَلَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَیْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ﴾ ترجموڪنزالعرفان: ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي جو مال ناحق نہ کائو.

تفسير ”خزائن العرفان“ ۾ آهي: هن آيت ۾ ناجائز طريقي سان ڪنهن جو مال قبائڻ حرام قرار ڏنو ويو آهي پوءِ چاهي اهو چوري، ڦُرَ، ڌاڙي، جُوا، حرام تماشن يا حرام ڪمن يا حرام شين جي عيوض يا رشوت يا ڪُوڙي شاهدي جي ذريعي ڪمايو ويو هجي.

(تفسير خزائن العرفان، پ 2، تحت الآية: 188، ص 52)

ظلم ۽ ستم برپا ڪري، اسلحي جي زور تي يا ڪهڙي بہ طريقي سان چوري، ڌاڙو هڻندڙن کي خداءِ احڪم الحاڪمين جي خفيہ تدبير (يعني ڳُجهي فيصلي) کان ڊڄڻ گهرجي، زندگي جو ڪوبہ ڀروسو ناهي، موت ڪهڙي بہ وقت، ڪٿي بہ اچي سگهي ٿو نہ ڄاڻ ڪهڙي گوليءَ تي اوهان جو نالو لکيل هجي. اخبارن ۾ اهڙيون بہ خبرون اينديون آهن تہ پنهنجي ئي ڌاڙيل ساٿيءَ جي گولي لڳڻ سبب ٻيو ڌاڙيل مارجي ويو يا وري ڪڏهن چور ۽ ڌاڙيل پوليس جي گوليءَ جو شڪار ٿي پنهنجي انجام تائين پهچي ويندا آهن. چورن جي برائي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تہ الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: چورن تي الله پاڪ لعنت فرمائي آهي.

(مسلم ص 716، حديث: 4408)

عارضي خوشين ۽ فاني دنيا جي خاطر چوريون، ڌاڙا هڻي حرام مال جمع ڪرڻ وارن کي خوفِ خدا کان لرزي ڪري الله رب العزت جي بارگاهہ ۾ سچي توبهہ ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ جيڪڏهن الله پاڪ جي رحمت کان دور ٿي ويا تہ مرڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن قبر ۽ حشر ۾ عذابِ الٰهي ۾ گرفتار ٿي ويَا تہ پوءِ ڪير بچائيندو؟ ٿورو ڪائي، حلال روزي ڪمائڻ جو فڪر ڪرڻ گهرجي. حرام مال ڪمائي لکين، ڪروڙين گڏ ڪري عيش عشرت جي زندگي گذاري بہ ورتي پوءِ بہ هڪ ڏينهن مرڻو آهي، قبر ۾ مال ۽ دولت گڏ نہ ويندي يقين نہ اچي تہ ڪنهن ميت جو ڪفن کولي ڏسو، ڇا توهان ڪڏهن ڪنهن ڪفن ۾ کِيسو ڏٺو آهي؟ نہ ڄاڻ ڪنهن مظلوم جي بددعا توهان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جي بربادي ۽ هلاڪت جو باعث بڻجي وڃي. چورن، ڌاڙيلن ۽ اهڙي قسم جا ظلم ۽ ستم ڪرڻ وارن جي زندگي ۽ موت ٻئي مذمت جي قابل آهن. ڪُوئن، ٻِلَن وانگر لڪي ڪري زندگي گذاريندا آهن، بلڪ بعض اوقات پوليس يا عوام جي هٿان اهڙي عبرتناڪ موت ماريا ويندا آهن جو روح ڏکي ويندو آهي، هونئن بہ اهڙن بدنصيبن جي مرڻ تي ڪنهن کي بہ ڏک ناهي ٿيندو. الله ڪريم تمام عاشقانِ رسول جي حفاظت فرمائي ۽ اسان سڀني کي ظالمن جي ظلم، چوري، ڌاڙي وغيره ۽ مصيبتن ۽ تڪليفن کان محفوظ فرمائي. الله پاڪ اسان کي ايمان ۽ عافيت سان سبزسبز گنبذ جي ڇانوَ ۾، پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلون ۾

شهادت جو موت نصيب فرمائي ۽ جنت البقيع ۾ مدفن عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیِّن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دنیا میں ہر آفت سے بچانا مولیٰ عقبیٰ میں نہ کچھ رنج دِکھانا مولیٰ
بیٹھوں جو درِ پاک پیمبر کے حُضُور ایمان پر اُس وقت اُٹھانا مولیٰ

(حدائق بخشش، ص445)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڌاڙيلن جوانجام

ماڻهن تي ظلم ۽ ستم برپا ڪري، ڏيڄاري، ڌمڪائي هٿيارن جي زور تي حرام مال حاصل ڪرڻ وارن کي الله پاڪ کان ڊڄڻ گهرجي ڇوته چورن ۽ ڌاڙيلن جي باري ۾ قرآن ۽ حديث ۾ وڏيون وعيدون بيان ٿيون آهن، پڻ دنيا ۾ به انهن لاءِ تمام سخت سزائون آهن. سيپاري 6، سورت المائده جي آيت نمبر 33 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِیۡنَ یُحَارِبُوۡنَ اللّٰہَ وَ رَسُوۡلَہٗ وَ یَسۡعَوۡنَ فِی الۡاَرۡضِ فَسَادًا اَنۡ یُّقَتَّلُوۡۤا اَوۡ یُصَلَّبُوۡۤا اَوۡ تُقَطَّعَ اَیۡدِیۡہِمۡ وَ اَرۡجُلُہُمۡ مِّنۡ خِلَافٍ اَوۡ یُنۡفَوۡا مِنَ الۡاَرۡضِ ؕ ذٰلِکَ لَہُمۡ خِزۡیٌ فِی الدُّنۡیَا وَ لَہُمۡ فِی الۡاٰخِرَۃِ عَذَابٌ عَظِیۡمٌ ﴿ۙ۳۳﴾

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول سان وڙهن ٿا ۽ زمين ۾ فساد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا انهن جي سزا اهائي آهي ته انهن کي صفا قتل ڪيو وڃي يا انهن

ڪي قاهي ڏني وڃي يا انهن جا هڪ پاسي جا هٿ ۽ ٻئي پاسي جا پير ڪٽيا وڃن يا (ملڪ جي) زمين مان (ملڪ بدر ڪري) ڪيا وڃن، اها انهن لاءِ دنيا ۾ خُواري آهي ۽ آخرت ۾ انهن جي لاءِ وڏو عذاب آهي. هن آيت ڪريمه ۾ ڌاڙيلن جي سزا جو بيان آهي.

## چوري ڇا کي چئبو آهي

چوري اها آهي ته ٻين جو مال لڪائي ناحق کڻيو وڃي.
(بهار شريعت جلد 2 ص 413 حصو 9 )

## اسلامي سزائن جي حڪمت

اسلام هر جرم جي سزا ان جي نوعيت جي حساب سان مختلف رکي آهي، ننڍي جرم جي سزا هلڪي ۽ وڏي جرم جي سزا ان جي حيثيت جي مطابق سخت مقرر ڪئي آهي ته جيئن ڌرتيءَ تي امن امان قائم رهي ۽ ماڻهو بي خوف ٿي سڪون ۽ چين واري زندگي گذاري سگهن. ان کان علاوه ٻيون به بيشمار حڪمتون آهن. ڌاڙي جي ئي سزا کي ڏسو ته جيسيتائين ان تي عمل ٿيندو رهيو، تجارتي قافلا پنهنجي قيمتي سامان سان گڏ بي خوف ۽ خطر سفر ڪندا هئا، جنهن سبب واپار کي تمام گهڻي هٿي ملي ۽ ماڻهو معاشي اعتبار کان ڪافي مضبوط ٿي ويا. هاڻي ته حالت هي آهي جو بينڪ مان ڪوبه پيسا ڪڍي نڪرندو آهي ته رستي ۾ ئي ڦُرجي ويندو آهي، ڪو پيدل وڃي رهيو هوندو آهي ته ان کان روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦرجي ويندي آهي، ڪو بس جو مسافر آهي ته اتي به

اهو محفوظ ناهي، ڪو پنهنجي سواري تي آهي ته پاڻ کي وڏيڪ خطري ۾ محسوس ڪري رهيو هوندو آهي.

(تفسير صراط الجنان پ 6 تحت لآية 33 جلد 2 ص 423)

اے خاصہ خاصانِ رُسل وقتِ دعا ہے
اُمّت پہ تیری آکے عجب وقت پڑا ہے

## ظلماً ماڻهن جو مال ڦٻائڻ متعلق 7 فرامين مصطفٰے صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِه وَسَلَّم

﴿1﴾ حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: چور تي الله پاڪ لعنت فرمائي آهي.

(بخاری،4/330، حديث: 6783)

﴿2﴾ جيڪو سَرِ عام ماڻهن کي لُٽي اهو اسان مان نه آهي.

(ابو داؤد 4/184 حديث 4391 )

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني جيڪو ظالم کُلي عام ماڻهن کان ڦُرون ڪري، انهن جو مال لُٽي ۽ ماڻهو ڏسندا رهجي وڃن اهڙو ظالم اسان جي طريقي، اسان جي جماعت مان خارج آهي، اسلام مان خارج ٿيڻ مراد نه آهي جو هي جرم فسادِ عمل آهي فسادِ عقيده نه آهي. واضح رهي ته ڏاڙي جون سزائون مختلف آهن ڪجهه صورتن ۾ ان کي ڦاسي ڏني ويندي.

(مرأة المناجيح، 5/305 ملخصاً)

﴿3﴾ چور چوري ڪرڻ وقت ۽ ڏاڙيل ڏاڙي هڻڻ وقت مومن ناهي هوندو جو ماڻهو پنهنجي مال کي حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسندا

رهجي ويندا آهن، تنهنڪري اهڙي عمل کان بچو، اهڙي عمل کان بچو. (بخارى، 3/ 579، حديث:5578 ملتقطاً۔ مسلم، ص 52، حديث: 207)

شارحِ بخاري، حضرت علامه مفتي شريف الحق امجدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ان مان اهو به مراد ٿي سگهي ٿو ته ڪاملُ الايمان هوندي ڪو شخص اهو گناهه نه ٿو ڪري سگهي يا هي ته مومن جو اهو شان نه آهي ته اهڙو گناهه ڪري. (نزهة القاري، 749/5 تسهيلاً)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: يعني انهن گناهن جي وقت مجرم مان ايمان جو نُور نڪري ويندو آهي نه ته هي گناهه ڪفر نه آهي. ڊاڙيل ظاهر ظهور مال لُٽي وڃي ۽ مالڪ واپس وٺڻ تي قادر نه هجي يا پنهنجي مال کي حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسندو رهجي وڃي ته هاءِ اسان جو مال لٽجي ويو. ڊاڙي ۾ 3 جرم آهن: 1. غير جي مال تي ناجائز قبضو 2. کُلي عام ٻي جو مال کسڻ 3. دل جي سختي جو ماڻهن جي حسرتن ۽ آهُن دانهن تي ترس نه کائي، لهٰذا اهو گناهن جو مجموعو ٿيو، جيڪو مومن جي شان جي خلاف آهي.
(مرأة المناجيح، 73/1)

حضرت علامه عبدالمصطفیٰ اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مطلب ته چوري ڪرڻ وقت ان گناهه جي نحوست سبب ان جو نورِ ايماني ان کان الڳ ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن اهو شخص ان گناهه کان توبهه ڪندو آهي ته ان جو نورِ ايماني ٻيهر ان کي حاصل ٿي ويندو آهي.
(جہنم کے خطرات،ص 40،39 ملتقطاً)

چوری کی راہ میں چھپے ہیں اندھیرے ہزار ایمان کا نور چمکتا ہے راستے کے پار

﴿4﴾ تمام مسلمانن جي پياري امي جان حضرت بيبي عائشه رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا

فرمائن ٿيون: قبيلهءِ قريش جي هڪ عورت چوري ڪئي ته ان جي خاندان وارن حضرت اُسامه بن زيد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي نبيءِ اڪرم صلي الله عليه والهٖ وسلم جي بارگاهه ۾ سفارش ڪرڻ جي لاءِ چيو: حضرت اُسامه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سفارش ڪئي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڇا تون الله پاڪ جي حدن مان هڪ حد جي باري ۾ سفارش ڪرين ٿو؟ پوءِ بيهي خطبو ارشاد فرمايائون: توهان کان پهرين ماڻهن کي ان ڳالهه تي هلاڪ ڪيو جو انهن مان جڏهن ڪو معزز شخص چوري ڪندو هو ته ان کي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ جڏهن ڪو ڪمزور چوري ڪندو هو ته ان تي حد قائم ڪندا هئا. الله جو قسم! جيڪڏهن فاطمه بنتِ محمد به چوري ڪري ها ته ان جو به هٿ ڪٽيو وڃي ها.

(بخارى، 468/2، حديث: 3475)

شرح حديث: مجرم تي رحم اهو ئي آهي ته ان کي پوري سزا ڏني وڃي ڪنهن کي ڪنهن قسم جي رعايت نه ڏني وڃي، ان سان ملڪ ۾ امن امان قائم رهندو آهي ۽ اهي سزائون حقُ الله آهن ڪنهن جي معاف ڪرڻ سان معاف ناهن ٿينديون. ”سيده“ جو نالو وٺي اهو ٻڌائڻ منظور آهي ته شرعي سزا ۾ ڪنهن وڏي کان وڏي رتبي واري کي به رعايت نه آهي. الله تعالیٰ فرمائي ٿو: ﴿وَلَا تَاْخُذْكُمْ بِهِمَا رَاْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ﴾ ترجموڪنزالعرفان: ۽ توکي الله جي دين ۾ انهن تي ڪو ترسُ نه اچي. (مراٰة المناجيح، 309/5)

﴿5﴾ مان جهنم ۾ هڪ شخص ڏٺو جيڪو ٿيڏي لٺ سان حاجين جون شيون چوري ڪندو هو جڏهن ماڻهو ان کي چوري ڪندي

ڏسي وٺندا ها تہ ”چوندو هو مان چور نہ آهيان هي سامان تہ منهنجي ٽيڏي لٺ ۾ اٽڪي پيو هو“ اهو ٻاهہ ۾ پنهنجي ٽيڏي لٺ تي ٽيڪ لڳائي هي چئي رهيو هو: ”مان ٽيڏي لٺ وارو چور آهيان.“

(جمع الجوامع، 27/3، حديث: 7076)

شرحِ حديث: محجن (يعني لٺ) [1] واري جو نالو عمرو ابن لحیٰ آهي، جڏهن هو هلندو ڦرندو آهي تہ ان جا آنڊا هيٺ لڙڪندا آهن. رب جي پناهہ! مطلب تہ (Fashionable) سياسي چور هو جو حاجين جا ڪپڙا ڏينهن ڏِٺي جو اهڙي طرح چوري ڪندو هو جيئن پڪڙجي بہ نہ سگهي ۽ چوري بہ ڪري وڃي، جيڪڏهن مالڪ ڏسي ورتو تہ چوندو هو مون کي خبر نہ پئي تہ منهنجي لٺ سان تنهنجا ڪپڙا ڪيئن اٽڪي پيا، جي نہ ڏٺو تہ مال پنهنجو ڪري وٺندو هو.

(مراٰۃ المناجيح، 316/4ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَی اللہ! اَسْتَغْفِرُ اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

﴿6﴾ ظلم قيامت جي ڏينهن انڌيري جي صورت ۾ هوندو.

(مسلم،ص 1069،حديث: 6577)

شارحِ بخاري حضرت علامہ مفتي شريف الحق امجدي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ظالم ظلم ڪرڻ جي سبب هڪ ئي وقت ۾ ڪيئي گناهن جو مرتڪب ٿيندو آهي، الله پاڪ ۽ رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نافرماني

---

[1] ... حديث پاڪ ۾ لفظ ”محجن“ آيو آهي جنهن جي معنیٰ آهي اهڙي لٺ جنهن جي ڪناري تي لوهہ لڳل هجي ۽ اها ”هاڪي“ وانگر مڙيل هجي (اشعة اللمعات(57/3)

ڪرڻ، ڪنهن ڪمزور مسلمان کي ايذاء پهچائڻ (يعني تڪليف ڏيڻ)، گاريون ڏيڻ، مارڪٽ ڪرڻ، يا مال ڦرڻ يا انهن سيني عملن جو گڏجي ارتڪاب ڪرڻ جيئن ته اڪثر ڏسڻ ۾ آيو. انهيءَ ڪري ان جي سزا ۾ قيامت جي ڏينهن ظالم جو ظلم اونداهيون بڻجي ڪيس گهيري ويندو. (نزهة القاري، جلد 3 ص 668)

﴿7﴾ حرام مال مان پلجڻ وارو جسم جنت ۾ داخل نه ٿيندو.
(مسندِ ابي يعلى ج 1، ص 57، حديث 79)

حافظ شمس الدين محمد بن احمد ذهبي شافعي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هن حديث پاڪ جي وعيد هيٺ ڌاڙيل، چور، مسخرو (Comedian)، خائن، جعلساز (يعني ڌوڪيباز) ۽ اوڌاري شي وٺي نه ڏيڻ وارو، ماپ تُور ۾ ڪمي ڪرڻ وارو، عيب واري شيءِ کي عيب لڪائي وڪرو ڪرڻ وارو، جُوا کيڏڻ وارو اهي سڀ ان ۾ داخل آهن. (76 ڪبيره گناهه ص 90)

”مراٰة المناجيح“ ۾ آهي: جيئن گاسليٽ ۾ ٻڏل ڪپڙو باهه ۾ جلد سڙي ويندو آهي ايئن ئي وياج خور، رشوت خور، جُوا، چوري وغيره حرام مال مان پيدا ٿيڻ وارو گوشت دوزخ جي باهه ۾ جلدي سڙي ويندو، ڇوته غذا مان رت ۽ رت مان گوشت ٺهندو آهي انهي ڪري غذا تمام گهٽي پاڪيزه هجڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته حرام غذا جو اثر سڄي بدن تي ٿيندو آهي. (مراٰة المناجيح 258/4)

## سچي قافلي کي اڪيلو لُٽڻ وارو ڌاڙيل

تمام وڏا ولي الله، حضرت فضيل بن عياض رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه توبہ ڪرڻ کان پهريان ايترا وڏا ۽ خطرناڪ ڌاڙيل هئا جو پورو قافلو اڪيلو ئي لُٽي وٺندا هئا. هڪ دفعي هڪ قافلو سندن علائقي مان گذريو تہ قافلي وارن کي اتي رات ٽِي وئي پاڻ ڌاڙو هڻڻ جي نيت سان جڏهن قافلي جي ويجهو پهتا تہ ڪجهہ قافلي وارن کي اهو چوندي ٻڌائون تہ : ”توهان هن ڳوٺ جي طرف نہ وڃو بلڪ ڪو ٻيو رستو اختيار ڪيو هتي فضيل نالي هڪ خطرناڪ ڌاڙيل رهندو آهي.“

پاڻ جڏهن قافلي وارن جون اهي ڳالهيون ٻڌائون تہ مٿن ڏڪٽي طاري ٿي وئي ۽ بلند آواز سان چيائون تہ اي قافلي وارؤ! مان فضيل بن عياض توهان جي سامهون موجود آهيان، وڃو! بي خوف ٿي گذري وڃو، توهان مون کان محفوظ آهيو. خدا جو قسم! اڄ کان پوءِ مان ڪڏهن بہ الله پاڪ جي نافرماني نہ ڪندس. ايترو چئي پاڻ اتان هليا ويا ۽ پنهنجن اڳين پوين تمام گناهن کان توبهہ تائب ٿي راهِ حق جا مسافر بڻجي ويا. هڪ قول هي بہ آهي تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان رات قافلي وارن جي دعوت ڪئي ۽ فرمايو: توهان پاڻ کي فضيل بن عياض کان محفوظ سمجهو، پوءِ پاڻ انهن جي جانورن لاءِ چاري وغيره جو بندوبست ڪرڻ لاءِ ويا جڏهن واپس آيا تہ ڪنهن کي سپاري 27، سورة الحديد جي آيت نمبر 16 پڙهندي ٻڌائون

﴿ لَمْ يَاْنِ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ ﴾ ترجمو كنزالعرفان: ڇا ايمان وارن لاءِ اڃان اُهو وقت نہ آيو آهي جو انهن جون دليون الله جي ياد ۾ جهڪي وڃن.

قرآن ڪريم جي هيءَ آيت تاثير جو تير بڻجي سندن دل ۾ لهي وئي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه روئڻ شروع ڪري ڏنو ۽ پنهنجن ڪپڙن مٿان مٽي وِجهندي چوڻ لڳا: ها! چو نہ! الله پاڪ جو قسم! هاڻي اهو وقت اچي ويو، هاڻي اهو وقت اچي ويو. پاڻ اهڙي طرح روئندا رهيا ۽ پنهنجن تمام گناهن کان توبهہ ڪري ورتي. (عيون الحكايات . ص 212)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پاڻ ۾ پيائر بڻجي وڃو!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! گهڻيا ۽ حرام ڪم چوري ۽ ڏاڙو هڻڻ وقت چورن ۽ ڏاڙيلن کي ڏاڙي دوران پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي گهُورِڻ، ديڄارڻ، ڌمڪائڻ، خوفزده ڪرڻ، هٿ ڪٽڻ، هٿيار سڌا ڪرڻ، مال ڦرڻ ۽ عورتن کان زيور وغيره ڦُرڻ لاءِ زخمي ڪرڻ جهڙا انيڪ گناهہ ڪرڻا پئجي ويندا آهن، جڏهن تہ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ڇا اوهان ڄاڻو ٿا تہ مسلمان ڪير آهي؟“ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو: الله پاڪ ۽ ان جا رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم بهتر ڄاڻن ٿا. ارشاد فرمايائون: مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن. ارشاد فرمايائون: توهان ڄاڻو ٿا تہ مؤمن ڪير آهي؟ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو: الله پاڪ ۽ ان جا

رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم بهتر ڄاڻن ٿا. ارشاد فرمايائون: مؤمن اهو آهي، جنهن کان ايمان وارا پنهنجي جان ۽ مال محفوظ سمجهن. (مسند امام احمد 654/2 حديث: 6942 )

هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو: اي الله جا ٻانهؤ! پاڻ ۾ ڀائر ٿي رهو، مسلمان، مسلمان جو ڀاءُ آهي. نه ان تي ظلم ڪري، نه ان کي رُسوا ڪري. (مسلم، ص 1064، حديث: 6541)

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو : مسلمانن کي نه ڊيڄاريو! ڇوته مسلمان کي ڊيڄارڻ تمام وڏو ظلم آهي.

(الترغيب والترهيب، 386/3، حديث: 4301)

جنهن ڪنهن مسلمان ڏانهن ڊيڄاريندڙ نظرن سان ناحق ڏٺو، ته الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي بدلي ان کي خوف ۾ مبتلا ڪندو.

(معجم ڪبير، 116/8، حديث: 7536)

## بدنصيب ماڻهو

حضور نبيءِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”مَنْ اٰذٰى مُسْلِمًا فَقَدْ اٰذَانِيْ وَمَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْ اٰذَى اللّٰهَ“ جنهن ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏني ان مون کي تڪليف ڏني ۽ جنهن مون کي تڪليف ڏني ان الله پاڪ کي تڪليف ڏني. (معجم اوسط، 386/2، حديث: 3607) جنهن الله پاڪ کي تڪليف ڏني باالآخر الله پاڪ ان کي عذاب ۾ گرفتار ڪندو.

(ترمذی، 463/5، حديث: 3888)

حضرت علامه اسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ايمان وارن کي تڪليف ڏيڻ، ڇڻ ته رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي تڪليف ڏيڻ آهي، ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي تڪليف ڏيڻ، ڇڻ ته الله پاڪ کي

تڪليف ڏيڻ آهي جيئن الله پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اذيت ڏيڻ وارو دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت جو حقدار آهي، ايئن ايمان وارن کي تڪليف ڏيڻ وارو به ٻنهي جهانن ۾ لعنت ۽ رسوائيءَ جو حقدار آهي. (تفسير روح البيان، پاره 22، تحت الآية: 58، 239/7 )

عظيم تابعي بزرگ حضرتِ مجاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دوزخين تي هڪ قسم جي خارش مُسلط ڪئي ويندي، ته هو پنهنجو جسم کنهندا ايسيتائين جو هڪڙي جي چمڙيءَ مان ان جون هڏيون نظر اچڻ لڳنديون ته ان کي چيو ويندو : اي فلاڻا! ڇا تو کي ان سان تڪليف ٿئي ٿي؟ هو جواب ڏيندو ها، پڪارڻ وارو چوندو: تون مسلمانن کي تڪليف ڏيندو هئين هي ان جي سزا آهي.

(احياءُ العلوم، 242/2)

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اُٹھیں بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یارب

(وسائلِ بخشش ،ص76)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي شانِ بي نيازي تان قربان! جڏهن هو نوازڻ تي ايندو آهي ته ڪيئن نوازيندو آهي، ملفوظاتِ اعلىٰ حضرت ۾ آهي :

## ڏاڙيل ولي بڻجي ويو

(امامِ اهلسنت، اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو:) الله پاڪ کي هدايت ڪندي دير ناهي لڳندي حضرت ابو بڪر بن هوا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

پهريان ڌاڙيل هئا، قافلن جا قافلا اڪيلي سِر لُٽي ويندا هئا. هڪ پيري هڪ قافلو سندن علائقي ۾ اچي ترسيو، پاڻ ان قافلي ڏانهن روانا ٿيا، هڪ خيمي جي طرف ويا ته ان خيمي ۾ هڪ عورت پنهنجي مڙس کي چئي رهي هئي: شام جو وقت آهي ۽ هن جهنگل ۾ ”ابوبڪر بن هوا“ جو دَخَل آهي، ايئن نه ٿئي جو هُو اچي وڃي! بس اهو ٻڌڻ سندن هدايت جو سبب بڻجي ويو، پاڻ کي مخاطب ٿي چوڻ لڳا ”ابوبڪر! تنهنجي اهڙي دهشت آهي جو خيمن ۾ عورتون به توکان خوف کائن ٿيون ۽ تون الله کان نه ٿو ڊڃين! انهي ئي وقت توبهه ڪيائون ۽ گهر موٽي آيا، رات جو سُتا ته خواب ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت سان مشرف ٿيا، حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ به گڏ هئا. پاڻ عرض ڪيائون: بيعت وٺو، آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توکان تنهنجو نالي پائي بيعت وٺندو پوءِ حضرت ابو بڪر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪانئس بيعت ورتي ۽ پنهنجو عمامو مبارڪ کين مٿي تي رکيو، جڏهن سندن اک کُلي ته اهو عمامو سندن مٿي تي موجود هو. سلسلو هواريه هنن کان شروع ٿيو.

(جامع ڪرامات الاولياء، 425/1 ملفوظاتِ اعلى حضرت، ص 445 بالتسهيل)

الله پاڪ انهن تي رحمت نازل فرمائي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جهنم جو ٿهڪندڙ پاڻي

سُلطانُ الواعظين مولانا ابوالنور بشير ڪوٽلوي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: جن ماڻهن وياج، رشوت، غبن ۽ ٻين ناجائز طريقن سان جيڪو مال ڪمايو ۽ ڪاڙو آهي، قيامت جي ڏينهن جڏهن الله پاڪ شهنشاهِ حقيقي انهن کي دوزخ جو ٿهڪندڙ پاڻي پياريندو، ته اهو سڄو حرام مال ان وقت اوڳاڇڻو پوندو. ان ڏينهن چور پڪڙيا ويندا، لهٰذا اڄ ئي توبه ڪري پنهنجو پيٽ صاف ڪرڻ گهرجي.

(سچي حڪايات 316/3 بتغير)

## چورَ ڌاڙيل ڪان وڌو ظالم

”تفسيرِ قرطبي“ ۾ آهي : جيڪي چور ۽ ڌاڙيل مسافرن ۽ شهرين کان ڦُر لُٽ ڪري انهن تي ظلم ڪن ٿا اهي سيئي ظالمن ۾ شامل آهن، انهن جي مٿان الله پاڪ کو انهن کان به وڌو ظالم مسلط ڪري ڇڏيندو آهي.

(تفسيرِ قرطبي، پ 8، تحت الاية: 128، 62/4 ملخصاً)

## ناحق قتل جو گناهه

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهه درندا صفت چور ۽ ڌاڙيل پنهنجي لاءِ دوزخ جي باهه مزيد ڀڙڪائڻ لاءِ قتل ۽ خونريزي ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندا آهن. ايئن ڪڏهن ڪڏهن مال ۽ دولت سان گڏوگڏ ڪنهن خاندان جي واحد ڪفيل (يعني گهر جو خرچ وغيره هلائڻ واري)

کي شهيد ڪري ڪنهن عورت کي بيواهه ۽ معصوم ٻارن کي يتيم ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن چور ڌاڙيل پڪڙجڻ جي ڊپ کان يا سامهون کان ٿيڻ واري مزاحمت جي نتيجي ۾ گوليون هلائي ڪنهن کي زخمي يا شهيد ڪري ڀڄي ويندا آهن، شايد اهي سمجهندا آهن ته ايئن ڪرڻ سان اسان پڪڙجڻ کان بچي ويندا‌سين پر ياد رکو، جيڪڏهن اهي دنيا ۾ پوليس يا قانون کان بچي به ويا ته هن حرام ڪم کان توبه ۽ توبه جا تقاضا پورا نه ڪرڻ جي سبب قيامت جي ڏينهن اهڙي جڳهه ۾ قيد ٿيندا جتان اُن کي ڪو به ڇڏائي نه سگهندو. جيڪڏهن دنيا ۾ رشوت يا اثر و رسوخ جي ڪري جيل کان ٻاهر به اچي ويندا آهن پر قيامت جي ڏينهن جي عذاب کان ڪونه بچي سگهندا. ڪنهن مسلمان کي ناحق قتل ڪرڻ وڏو گناهه آهي. قرآن ۽ حديث ۾ ان گناهه جي سخت سزا بيان ڪئي وئي آهي. جيئن سپارو 5، سورت النساء، آيت نمبر 93 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَمَنْ يَّقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَلَعَنَهٗ وَاَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِيْمًا ﴿۹۳﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪو ڪنهن مسلمان کي ڄاڻي واڻي قتل ڪري ته ان جو بدلو دوزخ آهي، وڏي مدت تائين ان ۾ رهندو ۽ الله ان تي غضب ڪيو ۽ ان تي لعنت ڪئي ۽ ان لاءِ وڏو عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

## ناحق قتل جو عذاب

پيارا پيارو اسلامي ڀائرو! مسلمان جو قتل ڪرڻ ڪا معمولي ڳالھ ناهي، اڄڪلھ ننڍين ننڍين ڳالھين تي ڪنهن ڪي قتل ڪرڻ، غنده گردي، دهشت گردي، ڦُر، خانداني لڙائي، ساڙ ۽ حسد تي ٻڌل جهڳڙا روز جو معمول آهن. مسلمان جو خون پاڻي وانگر وهايو ويندو آهي. مرڻ کان پوءِ قتل جو عذاب برداشت نه ٿي سگهندو، نبيءِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جيڪڏهن زمين ۽ آسمان وارا ڪنهن مسلمان جي قتل تي گڏ ٿي وڃن، ته الله پاڪ سڀني کي اونڌي منهن جهنم ۾ وِجهندو.“ (معجمِ صغير، 205/2) هڪ ٻي حديث ۾ آهي: هڪ مومن جو قتل الله پاڪ جي نظر ۾ دنيا جي تباهه ٿيڻ کان وڌيڪ آهي. (نسائي، ص652، حديث:3992)

ڪرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی　　ورنہ سزا ہوگی کڑی قبر میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محشر ۾ ذلت و رُسوائي

امام شَرَفُ الدين حسين بن محمد طيبي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جنهن دنيا ۾ زڪوات يا ڪنهن ٻئي مال مان چوري ڪئي ته قيامت جي ڏينهن اهو اهڙي طرح ايندو جو چوري جو مال ڪنيل هوندس، جيڪڏهن اهو مال ڪو جانور هوندو ته اهو جانور بلند آواز سان

پڪاريندو ۽ سڀ محشر وارا ڄاڻي وٺندا تہ (هي چور آهي) تہ جيئن ان جي تمام گهڻي ذلت ۽ رسوائي ٿئي. (شرح طيبي، 17/4، تحت الحديث :1779)

## شهادت جو درجو

پيارا پيارو اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪنهن شخص جو مال چوري ٿي وڃي ۽ هُو ان تي صبر ڪري، تہ ان کي صدقي ڪرڻ جو ثواب ملندو، ۽ جيڪو شخص پنهنجو مال، پنهنجي جان يا پنهنجي گهر وارن جي جان بچائڻ ۾ مارجي وڃي، اهو شهيد آهي، جيئن تہ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو پنهنجو مال بچائڻ ۾ مارجي وڃي، اهو شهيد آهي، جيڪو پنهنجي جان بچائڻ ۾ مارجي وڃي، اهو شهيد آهي، جيڪو پنهنجو دين بچائڻ ۾ مارجي وڃي، اهو شهيد آهي ۽ جيڪو پنهنجي گهر وارن کي بچائڻ ۾ مارجي وڃي، اهو شهيد آهي. (ترمذي، 112/3، حديث:1426 ـ نسائي، ص 667، حديث: 4101)

## خوبصورت سوچ

حضرتِ احمد بن حَرْب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي پاڙي ۾ ڪنهن شخص جو مال چوري ٿي ويو. پاڻ پنهنجن دوستن سان گڏجي ان جي دِلجُوئيءَ لاءِ تشريف کڻي ويا. پاڙيسري تمام خوش دلي سان انهن جو آڌرڀاءُ ڪيو. حضرت احمد بن حَرْب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: اسان توهان جي مال چوري ٿيڻ تي افسوس ڪرڻ آيا آهيون. پاڙيسري جواب ڏنو: مان تہ الله پاڪ جو شُڪر ادا ڪري رهيو آهيان ۽ مون تي ان جا ٿي شڪر

واجب ٿي ويا آهن. هڪ اهو آهي تہ ٻين منهنجو مال چورايو آهي، مون نہ. ٻيو اهو تہ اجان بہ اڌ مال مون وٽ موجود آهي، ٽيون اهو آهي تہ منهنجو دنيا جو نقصان ٿيو آهي، پر دين مون وٽ موجود آهي.“ (سچي حڪايات 142/4)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بغير حساب مغفرت فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

آہ! دولت کی حفاظت میں تو سب ہیں کوشاں
حفظ ایماں کا تصوُّر ہی مِٹا جاتا ہے

سُبْحٰنَ الله! الله وارن جي بہ ڪيڏي پياري سوچ هوندي آهي جو مال ويو ايمان تہ نہ ويو، ”ڪجھ مال“ ويو آهي سڀ تہ نہ ويو آهي. الله پاڪ جا نيڪ ٻانها زبان تي شڪوا شڪايت ناهن آڻيندا هرحال ۾ الله جي رضا تي صبر ڪندا ۽ ان تي اجر حاصل ڪندا آهن. ايمان وڏي دولت آهي، اهو سلامت آهي تہ ڪوبہ غم نہ هجڻ گهرجي. اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي ايمان جي حفاظت جو فڪر ڪندا رهون.

یاخدا جسم میں جب تک کہ مری جان رہے
تجھ پہ صدقے ترے محبوب پہ قربان رہے
کچھ رہے یا نہ رہے پر یہ دعا ہے کہ امیر
نزع کے وقت سلامت مرا ایمان رہے

## چورکي دعا

هڪ پيرو حضرت رَبِيع بن خُثَيم رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جو گهوڙو چوري ٿي ويو. ساٿين عرض ڪيو: حضور! ”چور لاءِ بد دعا ڪيو!. پاڻ فرمايائون: ”نہ بلڪ مان تہ ان لاءِ دعا ئي ڪندس.“ پوءِ هن طرح دعا فرمايائون: ”اي الله پاڪ! جيڪڏهن چور مالدار آهي تہ ان کي قناعت جي توفيق عطا فرماءِ ۽ جيڪڏهن فقير آهي تہ ان کي مالامال ڪري ڇڏ.“ (حلية الاولياء، 130/2، رقم:1696)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن خدا نہ ڪري ڪڏهن چوري يا ڌاڙي جي واردات ٿي وڃي، تہ هر ڪنهن کي ٻڌائڻ بجاءِ پنهنجي مصيبت لڪائي، صبر ڪري ان تي اجر حاصل ڪيو. ماڻهن کي ٻڌائڻ سان ڪو اها وڃايل شيءِ واپس آڻي نہ ڏيندو. بلڪ شڪوا شڪايت ڪرڻ جي صورت ۾ صبر تي ملڻ واري اجر کان محرومي ٿي سگهي ٿي.

## ظلم تي صبر ڪرڻ جي فضيلت

فرمانِ آخِري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله پاڪ جڏهن مخلوق کي گڏ ڪندو تہ هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو: ”فضل وارا ڪٿي آهن“؟ تڏهن ڪجهہ ماڻهو اُٿندا ۽ انهن جو تعداد تمام ٿورو هوندو. جڏهن اهي جلدي جلدي جنّت ڏانهن وڃي رهيا هوندا تہ ملائڪ انهن سان ملاقات ڪندا ۽ چوندا: ”اسان ڏسي رهيا آهيون تہ توهان تيزي سان جنّت ڏانهن وڃي رهيا آهيو، توهان ڪير آهيو“؟ اهي جواب ڏيندا: ” اسان

فضل وارا آهيون.“ ملائڪ چوندا: ”توهان جو فضل ڇا آهي؟“ اهي جواب ڏيندا: ”جڏهن اسان تي ظلم ڪيو ويندو هو ته اسان صبر ڪندا هئاسين ۽ جڏهن اسان سان بُروسلوڪ ڪيو ويندو هو ته ان کي برداشت ڪندا هئا سين. “ پوءِ انهن کي چيو ويندو: ”جنّت ۾ داخل ٿي وڃو، جو چڱا عمل ڪرڻ وارن جو ثواب ڪيڏو نہ سٺو آهي.

(الترغيب والترہيب، 281/3، حديث:18)

الله پاڪ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد فرمايو: ”مظلوم جڏهن ظلم تي صبر ڪندو آهي ته الله پاڪ ان جي عزت وڌائي ڇڏيندو آهي“ (ترمذي، 145/4، حديث:2332)

ہے صبر تو خزانۂ فردوس بھائیو! عاشق کے لب پہ شکوہ کبھی بھی نہ آسکے

## ڌاڙيل جي توبهہ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول جي برڪت سان وڏن وڏن چورن ۽ ڌاڙيلن جا راهِ راست تي اچڻ جا واقعا آهن. دعوتِ اسلامي جي هڪ مجلس رابطہ بالعلماء بہ آهي، هن مجلس جا اسلامي ڀائر مشهور ديني درسگاهہ جامعہ راشديہ (پيرجو ڳوٺ باب الاسلام سنڌ) تشريف کڻي ويا. ڳالهہ نڪتي تہ اتان جا شيخُ الحديث صاحب ڪجهہ هن طرح فرمائڻ لڳا: ”جيلن جي ديني ڪم جي ڪارڪردگي مان پاڻ توهان کي ٻڌايان ٿو، پيرجوڳوٺ جي اطراف ۾ هڪ ڌاڙيل رِڻُ باري ڏنو هو، مان ان کي سڃاڻيندو هئس، هر روز ان جي پوليس سان اڪ ٻوٽ ٿيندي رهندي هئي، ڪيترائي پيرا گرفتار بہ ٿيو، پر

تعلقات استعمال ڪري چٽي ويندو هو، آخرڪار ڪنهن جرم ۾ ڪراچي پوليس جي هٿان پڪڙجي ويو، سزا لڳس ۽ جيل هليو ويو، سزا ختم ٿيڻ ڪانپوءِ آزادي ملڻ تي مون سان ملڻ آيو، مان پهرين نظر ۾ ان کي سڃاڻي ئي نہ سگهيس ڇاڪاڻ تہ سندس چهري تي مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبت جي نشاني، ڏاڙهي مبارڪ چمڪي رهي هئي، مٿي تي عمامي شريف جو تاج ۽ پيشاني تي نماز جو نور نظر اچي رهيو هو، چوڻ لڳو: اَلْحَمۡدُلِلّٰه! جيل ۾ مون کي دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول ملي ويو.“

اگر چور ڈاکو بھی آجائیں گے     تو سدھر جائیں گے گر ملا دینی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ     گناہوں کو دیگا چھڑا دینی ماحول

(وسائلِ بخشش، ص203)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حلال ڪمايو

رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: روحُ القدس (يعني حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام) منهنجي دل ۾ خيال آندو تہ ڪا بہ جان نہ مرندي ايستائين پنهنجو رزق پورو ڪري، خبردار! الله کان ڊڄو، روزي تلاش ڪرڻ ۾ اعتدال واري راهہ اختيار ڪريو ۽ روزي ۾ دير ٿيڻ توهان کي الله پاڪ جي نافرماني ذريعي روزي حاصل ڪرڻ تي نہ اياري، ڇو تہ الله پاڪ جون شيون صرف ان جي فرمانبرداريءَ سان ئي حاصل ڪري سگهجن ٿيون. (شرح السنة، 330/7، حديث: 4008 ملخصاً)

**شرح حديث:** يعني روزي حلال ذريعن سان ڪمايو ۽ حرام کان پاسو ڪيو! حرام ذريعن کان ڪمائڻ افراط(يعني حد کان وڌڻ) آهي ۽ بلڪ ڪمائي نہ ڪرڻ بيڪار ويهي رهڻ، تفريط(يعني حد کان وڌيڪ ڪمي ڪرڻ)اعتدال واري راهہ اها آهي(تہ) جيڪڏهن روزي گهٽ ملي يا ڪجهہ ڏينهن لاءِ نہ ملي تہ چوري، جوا، رشوت، خيانت، غضب وغيره ذريعي روزي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪيو. حلال ڪم ڪندا رهو ان جي مهربانيءَ جي اميد رکو يعني سيني جي روزي اللّٰه وَٽِ ئي آهي، جيڪڏهن توهان ان کي حرام ذريعن سان حاصل ڪيو تہ اها حرام تي توهان تائين پهتي، اللّٰه پاڪ بہ ناراض ٿيو پر ملندو اهو ئي جيڪو توهان جو حصو هو ۽ جيڪڏهن حلال ذريعن سان حاصل ڪيو تہ اها حلال تي توهان تائين پهتي، اللّٰه پاڪ بہ راضي ٿي ويو، مليو اهو ئي جيڪو توهان جو حصو آهي.
(مراۃ المناجيح، 114/7)

## وڏين وڏين مُجُن وارو بد معاش

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! علمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جا سنتن ڀريا اجتماع بہ هڪ اهم ذريعو آهن توهان بہ پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪيو. انهن اجتماعن جي برڪت سان ڪيترن ئي بگڙيل ماڻهن جي زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿيو، ان جي هڪ جهلڪ هن مدني بهار ۾ پڙهو.

هڪ عالم صاحب، جيڪو دعوتِ اسلامي جو مبلغ آهي، ان ٻڌايو تہ 1995ع ۾ هڪ شخص، جنهن تي لڳ ڀڳ 11 ڌاڙي جا ڪيس هئا،

جن ۾ هڪ قتل جو مقدمو بہ شامل هو. هڪ سال جيل ۾ بہ رهيو. هو آبپاشي کاتي ۾ ملازم بہ هو، جتي سندس پگهار صرف 3000 هئي، پر ناجائز ذريعن جهڙوڪ، وڍ وڪرو ڪرڻ ۽ غيرقانوني پاڻي وڪرو ڪري ماهوار 10000 تائين ڪمائي وٺندو هو. ان وڏيون وڏيون مُڇون رکيون هيون، جنهن سان ڏسڻ وارن کي وحشت ٿيندي هئي، هڪ ڏينهن مون انفرادي ڪوشش ڪندي ان کي دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، پر هو ٽٽائي ويو. مون همت نہ هاري ۽ وقت بوقت کيس دعوت ڏيندو رهيس، آخرڪار ٻن سالن جي عرصي بعد هن دعوت قبول ڪئي ۽ پنهنجي ”ريوالور“ سميت اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو. اتفاق سان ان ڏينهن منهنجو ئي بيان هو جيڪو جهنم جي عذاب متعلق هو جهنم جون تباهہ ڪاريون ٻڌي ڪري اهو ماڻهو، سخت سياري هوندي بہ پگهر ۾ شَل ٿي ويو، اجتماع کان بعد هو روئندو رهيو ۽ چوندو رهيو: ”هاءِ! منهنجو ڇا ٿيندو؟ مون ڪيترا ئي گناهہ ڪيا آهن“ هو ٽي ڏينهن مسلسل بخار ۾ مبتلا رهيو هن کي پنهنجي گناهن تي تمام گهڻو احساس ٿي چڪو هو، آخرڪار هن توبهہ ڪئي ۽ نماز بہ پڙهڻ لڳو، ٻي جمعرات تي هن کي ٻيهر اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ جنت جي موضوع تي بيان ٻڌي سندس دل ۾ اميد جاڳي، آهستي آهستي هن جي مٿان مدني رنگ چڙهڻ لڳو، ايسيتائين جو هو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي

ويو ۽ ڏاڙهي رکڻ ۽ عمامہ پائڻ جي سعادت بہ ڪيس نصيب ٿي وئي. هي بيان ڏيڻ وقت هو دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ مصروف آهي ۽ تنظيم طور صوبائي سطح تي مجلس خُدّامُ المساجد جي ذميواري تي فائز آهي.

اگر چور ڈاکو بھی آجائیں گے تو سدھر جائیں گے گر ملا دینی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چُھڑا دینی ماحول

(وسائلِ بخشش، ص648)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ چند روحاني علاج پيش ڪجن ٿا. اِن شاءَ الله انهن جي برڪت سان جان، مال ۽ گهر وغيره جي حفاظت ٿيندي.

## چورن ۽ ڌاڙيلن کان حفاظت جا 6 وظيفا

﴿1﴾ مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو فرمائن ٿا: مان نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي منبر تي فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو ماڻهو رات جو سمهڻ کان پهريان آيتُ الڪُرسي پڙهندو الله پاڪ ان کي، ان جي گهر کي ۽ آسپاس جي گهرن کي محفوظ فرمائيندو.“ (شُعبُ الايمان، 458/2، حديث: 2395)

تشريح: هن جي برڪت سان سڄي پاڙي ۾ چوري، باهہ لڳڻ، گهر ڪرڻ ۽ ٻين مصيبتن کان صبح تائين امن رهندو. هي عمل تمام گهڻو آزمايل آهي. (مراٰة المناجيح، 126/2)

﴿2﴾ جيڪڏهن آيتُ الڪُرسي لکي، فريم ۾ لڳائي ڪري گهر ۾ ڪنهن مٿانهين جڳهه مثلاً پِٽِ وغيره تي لڳائجي ته ان گهر ۾ ڪڏهن به تنگدستي نه ايندي ۽ روزِي ۾ برڪت ٿيندي ۽ چور ان گهر ۾ نه اچي سگهندو. (مدني پنج سوره، ص 30)

﴿3﴾ ”يَاجليل“ ڏهه ڀيرا پڙهي، پنهنجي مال ۽ سامان تي دم ڪيو. اِن شاءَ الله چوري کان محفوظ رهندو. (مدني پنج سوره، ص 289)

﴿4﴾ سورت التوبه لکي يا لکرائي پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي، پنهنجي سامان ۾ رکي ڇڏيو. اِن شاءَ الله سامان چوري کان محفوظ رهندو. (جهِرڪي ۽ انڊو نانگ، ص 29)

﴿5﴾ جيڪڏهن مال چوري يا گم ٿي وڃي، ته هيءَ آيتِ مبارڪ پڙهندو رهڻ سان اِن شاءَ الله گم ٿيل شيءِ واپس ملي ويندي.

يٰبُنَيَّ اِنَّهَاۤ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِیْ صَخْرَةٍ اَوْ فِی السَّمٰوٰتِ اَوْ فِی الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِیْفٌ خَبِیْرٌ ﴿۱۶﴾

(پ 21، لقمٰن:16)
(جهِرڪي ۽ انڊو نانگ، ص 29)

﴿6﴾ جيڪڏهن رات جو سمهڻ وقت 21 دفعا ”بِسْمِ الله الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم“ پڙهي وٺو ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مال ۽ اسباب چوري کان محفوظ رهندو ۽ اوچتي موت کان به حفاظت ٿيندي. (جنتي زيور، ص579 )

## شجر هِ عطاريه جي مدني بهار

ڪراچي جي علائقي نيون آباد جو هڪ اسلامي ڀاءُ جيڪو سلسلهءِ قادريه عطاريه ۾ مريد هو، ان قسم کٽي ڳالهه ڪئي ته هڪ دفعو اسان

جي آفيس ۾ هٿياربند ڦورُو داخل ٿيا ۽ ڦرلُٽ شروع ڪري ڏنائون منهنجي اندرين ڪِيسي ۾ ان وقت نَوي هزار (90000) جڏهن ته اڳين ڪِيسي ۾ ٿوري رقم موجود هئي، الحمد لله مان مطمئن هيس ڇوته مون شجرهءِ قادريه عطاريه مان هي دعا پڙهي ورتي هئي "بِسۡمِ اللّٰہِ عَلٰی دِیۡنِیۡ بِسۡمِ اللّٰہِ عَلٰی نَفۡسِیۡ وَوُلۡدِیۡ وَاَھۡلِیۡ وَمَالِیۡ" هن دعا جي فضيلت هي آهي ته جيڪو صبح ۽ شام ٽي ٽي ڀيرا هن کي پڙهندو، ان جو دين، ايمان، جان، مال ۽ ٻار سڀ محفوظ رهندا. (الوظيفة الكريمه، ص 13) ايتري ۾ هڪ ڦورُو منهنجي جي ويجهو آيو ۽ منهنجي ڪيسي مان پنجاهه (50) رُوپيا ڪڍي ورتا مان سوچڻ لڳس ته 90 هزار هجن يا پنجاهه روپيا، هن دعا جي برڪت سان ته سڀ ڪجهه محفوظ رهڻ گهرجي، مان اجان اهو سوچي ئي رهيس ته ڦورُو لڪين روپيا ڦُر ڪري واپس وڃڻ لڳا ته ايتري ۾ اهو ئي ڌاڙيل جنهن منهنجي ڪيسي مان پنجاهه (50) روپيا ڪڍيا هئا، منهنجي ويجهو آيو ۽ چوڻ لڳو مولانا! ڇا ياد ڪندين ايئن چئي پنجاهه روپيه واپس منهنجي ڪِيسي ۾ وجهي ڇڏيا.

اے نگہبان مرے تجھ پہ صلاۃ اور سلام دوجہاں میں ترے بندے ہیں سلامت محفوظ

(ذوقِ نعت، ص 147)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net